SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# SINDH ACT NO.XII OF 2014

# The Sindh Civil Servants (Regularization of Adhoc Appointments) (Amendment) Act, 2014

# سنڌ ايڪٽ نمبر XII، مجريه 2014

# سنڌ جي سرڪاري ملازمن (جي ڪچي مقرريءَ کي پڪو ڪرڻ) (ترميم) ايڪٽ، مجريه 2014

## فهرست (Contents)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ لاڳو ٿيڻ
(Short Title and Commencement)

2. سنڌ ايڪٽ نمبر XV مجريه 1973 جي دفعه 3 ۾ تبديلي.
Amendment of Section 3 of Act No XIX of 1994.

# SINDH ACT NO.XII OF 2014

## The Sindh Civil Servants (Regularization of Adhoc Appointments) (Amendment) Act, 2014

## سنڌ ايڪٽ نمبر XII، مجريه 2014

## سنڌ جي سرڪاري ملازمن (جي ڪچي مقرريءَ کي پڪو ڪرڻ) (ترميم) ايڪٽ، مجريه 2014

[28 مئرچ 2014]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ جي سرڪاري ملازمن (جي ڪچي مقرريءَ کي پڪو ڪرڻ) ايڪٽ، 1994 (Regularization of Adhoc Appointment) ۾ تبديلي آندي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ انهيءَ ڳالهہ جي تقاضا آهي تہ سنڌ سرونٽس (ريگيولرائيزيشن آف ايڊهاڪ اپائنٽمينٽ) ايڪٽ، 1994 کي هن ريت بدلايو وڃي؛

جيڪو هن ريت جوڙيو وڃي ٿو:-

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and Commencement.

1. (1). هن ايڪٽ کي سنڌ جي سرڪاري ملازمن (جي ڪچي مقرريءَ کي پڪو ڪرڻ) (ترميم) ايڪٽ 2014 The Sindh Civil Servants ) (Regularization of Adhoc Appointments) (Amendment) (Act, 2014 چيو ويندو.

(2) اهو هڪدم لاڳو ٿيندو ۽ ان کي 28 جولاءِ 1994 کان لاڳو سمجهيو ويندو.

سنڌ ايڪٽ نمبر XIX مجريہ 1994 جي دفعہ 3 ۾ تبديلي.
Amendment of Section 3 of Act No XIX of .1994

سنڌ سول سرونٽس (ريگيولرائيزيشن آف ايڊهاڪ اپائنٽمينٽس)، 1994 جي دفعہ 3 جي ذيلي دفعہ (1) جي آخري سٽ وارن لفظن "هن ايڪٽ لاڳو ٿيڻ واري تاريخ کئن" جي بدران "ملازم جي ابتدائي مقرريءَ واري تاريخ" جڏ لفظ رکيا ويندا.

**نوٽ:- ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**